ڪر چا؟ (وري هٿ ڪيي، پري ٿي) ڪٽي وڃ پنهنجي ماني، وڃي پڙهين ڪي ڪاراءِ، مون کي ڪانهُ گهرجي.

نوڪر: سائين پنهن جا پيءَ نه ڪيو. آستي به چيو هو ته نه کائي ته وري مانـي ڪٽي اچجانءِ، سو آءٌ ڪٽي وڃان ٿو. (رڪابيون ڪٽي ٿو)

ميان صاحب: (هـن کـي ڏڪو ڏئي) پري ٿيءُ ته هٽي ڊڙي نه رکانءِ! تو پهن سان گستاخي ڪري ڏنـي آهي، آءٌ اهڙي ڪاڻ ڪٽڻ وارو ناهيان. (وري ويهي کـائي ٿـو) دال ۽ پٽاٽا ـ واه جـي دال ۽ واه جا پٽاٽا! (کائيندو وڃي) هيءُ دال ۾ الاجي ڇا جا ڪنپ پيا آهن، جڇ ته ڳاري ۾ بُهه پيو آهي.

نوڪر: (ڪلـيي) اهـي دال جا ڪنپ آهن، ڏيان ڪريو ته متان اها به نه آڏامي وڃي.

ميان صاحب: (کائي بس ڪري ٿو) ڪهڙا نـه هن هنڌ جـا ماڻهو خـراب آهـن. چڱو ٿا مهمانـن ۽ مسافرن جو آدرڀاءَ ڪن. ماني اهڙي سخت آهي جو ڄڀاڙي ڄڀاڙي چاڙيون پيون سور ڪن. ڏند پيا ڏکن. سا به ته پوري ٿي، بک اوتري حي اوتري! هاڻ پيو وڏيڪ نه آٽو هڇيئي ته ٿانو ڪٽي وڃ، نه ته رڪابيون پڇيو تو ڏيانءِ. (نـوڪر رڪابيون ڪٽي وڃـي ٿو ۽ خانو پٽيانس وڃي ٿو. ميان صاحب آڱريون چٽي ٿو.) ههڙي ماني کائڻ تي آءٌ هٿ به ڪين ڏئندس، ائين چڱو آهي، نڪا ڳرڙي ڪندس، پانئجي تو ته ڪاڏو ٿي

احمد: ڇو، هُو اهو ناهي ڇا؟
خانو: آهي بيشڪ، پر ٻيءَ طرح سان.
احمد: ڪيئن، ڊپٽين ڪان درجي ۾ مٿي آهي ڪي گهٽ؟
خانو: مٿي مٿي! وٽ سائين، ڊپٽين سان ٿو مٽ ڪرينس. تنهنجا ڊپٽي هن ڪان مَٽ پيا مَٽن.
احمد: سچي؟ هوندو! تڏهن ته ههڙي شهر ۾ ڦڙڦوٽ اچي پيئي آهي. سيني کي ساهه مُٺ ۾ آهي!
خانو: پر ٻڌ ادا، مون کي لڳي اٿئي بـڪـ. تنهنجو ٻوڙ پلاءُ الاجي ڪڏهن تيار ٿئي؟ ڪي رڪيل هجيئي ته ڪٽي آءُ ته ٻه-ٽي لقما ته وات ۾ وجهان، من سامت اچي. هن نانوائيءَ جي پاڻ سائي ٿئي، اسان کي پٺي بک ماريو اٿس. ڪاسائي ٻڪري ڪُهندو آهي ته ٻه ڪارائي پياري پوءِ ڪهندو آهي، هن مردود اوتري به مهرباني نٿي ڪئي.
احمد: حاضر ادا، سيڪي آهي. هل ته بورچيخاني ۾ هلون. (اٿي وڃن ٿا. سنت ٿي ميان شرف الدين، مختيارڪار، انسپيڪٽر، چيف ڪنسٽيبل ۽ ٻيا سرڪاري نوڪر ڊنبلو ڪري گهڙي اچن ٿا. سوڙهه ۾ هڪ ٻه ڪِري پوي ٿو، ڪن جي پيرن تي لتون اچن ٿيون. ڪن جي ٽوپي ڪِري ٿي. مختيارڪار پنيان هٽ سان ٻين کي ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڏئي ٿو. ٻيا سڀ نڪري وڃن ٿا. ميان صاحب ڪٽ تي ويهي ٿو. مختيارڪار ۽ پوليس انسپيڪٽر ڪرسين تي ويهن ٿا.)

پوليس انسپيڪٽر: (منهن پاسي ڪري) واه جو ايماندار آهي! غريبن ۾ رنن زالن کي به پٺسن ونءِ ڪان سواءِ سرڪاري دوا نہ ڏئي، نہ تہ ٻيهي ٻيهي پلي پاڙ وچين. رکو پاڻيءَ جو پاٽليون پريو منجهس ڪو اٽو وجهيو پيو هلائي. تپ کي به اهو، پيٽ جي سور کي بہ اهو. چڱيون چڱيون دوائون ڪڍيو ڪوٺ پيو پهچائي.

ميان صاحب: هتي شراب جا ڳٽا نہ هوندا؟ مون ڏٺو ٿي ڪونہ. خانصاحب! اوهين ٻراندي ٻراندي ڪونہ رکو؟

مختيارڪار: توبهہ، توبهہ! استغفرالله. سائين، مون کيءادت ناهي. آءٌ حاجي آهيان. انهيءَ حرام شئي سان واهپو نہ رکندو آهيان. خير، دوا درمل ۾ خدا بخشيندو. ڪو اوهان جهڙو معزز مهمان مثبل فرمائيندو ۾ زور ڪندو، يا ڪو گهرو يار صحبت ڪندو، تڏهن سو لاچار سرڪي- بہ ڪٽي وٺبي آهي سا بہ لڪي ڇپي. انهيءَ جي ڪفارت لاءِ بہ پوءِ هڪ- بہ روز رکڻو پوندو آهي؛ ۽ آٺ-ڏهہ نفل پڙهڻا ٿيندا آهن. (ٽڪ اچلائي ٿو) خدا بخشيندو.

ميان صاحب: (کلي) خانصاحب! اهو رستو چڱو آهي. پر آءٌ اهڙو شريعت جو پابنڊائي نہ آهيان. آءٌ مولائي آهيان. دل مُنجهندي آهي تہ بہ-ٽي پُٽ پيي ويندو آهيان. اسان کي بہ خدا بخشيندو.

مختيارڪار: بيشڪ، خدا غفار آهي، جي مثبل

۾ ضرور ويندا سين. (خانو خطوڻي نڪري وڃي ٿو. اتي ٻاهران ماڻهن جو ڳالهاءُ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. خانو سگهوئي وري اندر اچي ٿو.)

**خانو:** سائين شهر جي پئنچات آئي آهي. وڏو تالهه مٿي تي اٿن.

**ميان صاحب:** تڏهن وري اهي اچي مٿو کائيندا. انهن مان ڪي ڪجهه ملندو يا نه؟ سڏين ته ٻنهي پير روانو ڪريان. (پاڻ اتي ميز وٽ در جي سامهون ويهي رهي ٿو. خانو ٻاهر وڃي ٿو. پنج- آٺ واڻيا اٿا. هڪڙي کي تالهه مصريءَ جو آهي، جو ڪپڙي سان ڍڪي زمين تي رکي ٿو. انهن سان گڏ ٻه- چار راڄ جا مسلمان به آهن. سڀئي سلام ڪن ٿا.)

**ميان صاحب:** ڪيئن ڀائي، ڇا خبر آهي؟ هيترو گوڙ ڪري هليا آهيو.

**هڪ واڻيو:** حجور، اسان سان جلم آهي. هجور ماءُ- پيءُ آهي. اسان جو انصاف ٿئي. جي مرجي حجبو ته ويهاريو، نه ته لڏي وڃون.

**ٻيو واڻيو:** حجور، اسان سان جٺ، آهي. سڀ جي اسان تي ڏنڪ نالت پئي پري. 'ٻڌي ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ڳوڙو.' چوڌاري ڦرمار پئي پوي.

**ٽيون واڻيو:** حجور، پيءُ- ماءُ آهـي. دانهن نيٺ سرڪار کي ڏينداسين، ٻيو ڪنهن کي ڏينداسين! 'ڇڪ مڇهندي آهي ته سچ ڏي ڏسبو آهي.'

**ميان صاحب:** ڇو ڀائي، ٻيو ته خير آهي؟

مطلب ٿئين، تڏهن جند ڇٽي؛ ڪر ڪو وڪيل ته مقدمي هلائڻ لاءِ حاجري رکن تعلقي جي ٻيءَ ڪُنڊ تي ته پلي رلي مرن؛ جي اچي پهچن، ته به حاجري پئي هنڌ تي. (مٿو پٽي ٿو) اسان سان جلم آهي. اسين واٺيا آهيون، آجهو، هو مسلمان ويٺا آهن.

پيو واڻيو: پيو سائين، ڏاڙهيءَ پٽ پئي پوي؛ ڇيو نه ميچ ته موچڙو پيو ڦهڪو ڪري. انهن ڪامورن کي ڏسي، سندن منشي، سندن پٽيوالا، سندن نفر رڻ باريو ڏين.

ٽيون واڻيو: انهيءَ کان ميرن جي صاحبي وري به چڱي.

هڪڙو مسلمان: سائين، ورهيه ٿي ويا آهن ته بدلي به ڪانه ٿي ٿئي، جهان جون پيون بدليون ٿين، هنن کي اسان جو تعلقو الاجي ڪيئي ۾ مليو آهي، ڪي ڏاج ۾!

ٻيو مسلمان: بدلي ڇو ڪرائين، مهني-ٽي سڀ گشت جو مينهن ڪري، پڳا پيٺا آهن. ڪير ٿو ڏسي، ڪير ٿو وائسي.

ٽيون مسلمان: سائين، تنهن ڏينهن، ڪاردار منهنجي زال کي صوبيدار کان مار ڏياري اٿس؛ چوٽيءَ کان وٺي ماٺهن جي اڳيان گهلايو اٿس.

ميان صاحب: اوهين منهنجو مغز کائي ويؤ. ڇو ٿا مختيارڪار جي گلا ڪريو، هُو حاجي، نمازي چڱو مڙس، ڇو ٿا هن جي گلا ڪريو؟

وري ملندا سين. ٿئين ڏينهن اسٽيشن تي اٺ وري بيهارجو.

مختيارڪار: حاضر سائين. (ٻئي هلن ٿا) پر سائين مهرباني ڪري رپورٽ چڱي لکجو. جيڪا ڀلائي پڇي سگهيوسين سا ڪجو.

ميان صاحب: خانصاحب، دلجاءِ ڪريو (ٻئي وڃن ٿا.)

## پردو ٻيو

### مختياڪار صاحب جي اوطاق جو ايوان

(مختيارڪار ۽ زميندار قادربخش ۽ اسڪول ماستر ويٺا آهن.)

مختيارڪار: خدا ڪيو في‌الحال ته خوش ٿي روانو ٿيو. وري آيو ته به ايترو ڏپ نه ٿيندو.

زميندار: چڱو ٿيو، سائين مُهت ٿيو. اوهان جي اقبال سان خير جي گذري، پوءِ به گذري ويندي.

مختيارڪار: پر هنن ڪوبلن، حرامخورن، ڪافرن جو ڪي حال ڏٺو؟ مهل تي دغا ڏيڻ وارا آهن ڪي نه؟ (ڏند پيڙي پوي ٿو) ڏس ته ڪهڙيون نه پوپٽيون ٿو پڙهايان- (ماڙهو سڏي ٿو) اي، آهي ڪو، نائڪ، پٽيوالا؟ (پٽيوالو ڊوڙي اچي ٿو.)

پٽيوالو: حاضر سائين.

مختيارڪار: اي، وڃي ڊوڙ پائي، مُکي ۽ پنچائت وارن کي وٺي اچ. گڏ ڪري، گهڻي جلد وٺي اچين.

پٽيوالو: حاضر سائين، (نڪري وڃي ٿو.)

